Kingdom of the Netherlands

SPO Strengthening Participatory Organization

ادارہ استحکام شرکتی ترقی

# *Empowering* Rural Women



# پاڻي وسيلن ۽ زرعي بازارن جي منصوبي تائين عورتن جي پهچ ۾ اضافو

Putting People First!

SPO Strengthening Participatory Organization

ادارہ استحکام شرکتی ترقی


## SPO NATIONAL CENTRE

Apartment # 203 & 204, 2nd Floor, Imperial Square, SCHS, Sector E-11/2, Islamabad.
Tel: +92-51-8736 194, eFax: +92-51-8444 904 www.spopk.org

### SINDH

**SPO KARACHI**
G-22, B/2, Park Lane
Clifton Block 5, Karachi
Tel: 021-5836213, 5873405
Fax:021-5873794
Email: karachi@spopk.org

**SPO HYDERABAD**
Plot 158/2, Behind M.Usman
Deplai Scholar Academy
Alamdar Chowk, Gird Station
Qasimabad, Hyderabad
Tel: 022-2654725
Fax: 022-2652126
Email:hyderabad@spopk.org

**SPO SHIKARPUR**
Kirri Atta Muhammad,
Near Mahran Marble
Factory Sukpul,
Shikarpur
Tel: 0726-540368

### PUNJAB

**SPO LAHORE**
House 889, Block C,
Faisal Town, Lahore
Tel: 042-35168824, 35168825
Email:lahore@spopk.org

**SPO MULTAN**
House 339-340, Block-D
Shah Rukh-e-Alam Colony Multan
Tel: 061- 6772995, 6563604
Fax: 061- 6772996
Email:multan@spopk.org

### KHYBER PAKHTUNKHWA

**SPO PESHAWAR**
2nd Floor, Al-Kout Tower
Opposite FAW Showroom
Near Sarhad University
Ring Road, Peshawar
Tel: 091-2640025
Email: peshawar@spopk.org

### BALOCHISTAN

**SPO QUETTA**
House 58-A,Near Pak Japan
Cultural Center,
Jinnah Town, Quetta
Tel: 081-2863701, 2863702
Fax: 081-2863703
Email:quetta@spopk.org

**SPO TURBAT**
Pasni Road, Turbat
Tel: 0852-413884, 412333
Fax: 0852-412240
Email: turbat@spopk.org


www.spopk.org

## 2020ع ۾ حاصل ڪيل مُک ڪاميابيون

اسان پنهنجي مُک ڪاميابين بابت ٻڌائيندي فخر محسوس ڪري رهيا آهيون جن ۾ ايس ڊبليو ايم ۾ 2002ع ۾ ترميم جي بل جي منظوري جي صورت ۾ ملي جيڪا هاليند جي سفارتخاني ۽ آڪسفيم جهڙن اهم ادارن جي فني ۽ مالي مدد سان ملي ۽ اها ڪاميابي قانونساز ميمبرن جي حمايت ڪانسواءِ ممڪن نہ هئي.

ان ترميم سان 96000 ننڍن زميندارن ۽ بي زمين عورتن کي بااختيار بڻائڻ ۾ مدد ملندي جيڪي چونڊن ۽ جمهوري طور تي سڄي سنڌ ۾ 46000 رجسٽرڊ عورتن جي ڪائونسلز ۽ آبادگار تنظيمن ۾ چونڊيون وينديون.

500 عورتن کي مالي خدمتن تائين پهچ فراهم ڪئي وئي آهي ۽ انهن جي روزگار کي برقرار رکڻ لاءِ کين فني ۽ مالي مدد بہ ڏني وئي.

بدين، حيدرآباد ۽ ٽنڊو محمد خان ضلعن ۾ مال جي 4216 جانورن کي بيمارين کان بچاءُ جا ٽڪا لڳايا ويا جنهن سان انهن جي جانورن جي معيار ۾ اضافو ٿيو.

چوپائي مال جي ضلعي ڪاتن جي 80 کان وڌيڪ عهديدارن کي صنفي حساسيت ۽ عورتن جي حقن جي حوالي سان حساس موقف بابت تربيت ڏني وئي جيڪي عورتن کي محفوظ جاين جي فراهمي ۽ چوپائي مال جي سارسنڀال ڪندڙ عورتن کي فني مدد فراهم ڪرڻ ۾ مدد ڪندا.

ميڊيا (پرنٽ ۽ اليڪٽرانڪ): ميڊيا تي عوام ۾ وڏي پئماني تي آگاهي مهم ذريعي 50 لک کان وڌيڪ ماڻهن تائين پهچ حاصل ڪئي وئي.

## مقصد :

پائيواري جي تصور کي سگهارو بڻائيندڙ ادارو ان منصوبي جي ذريعي نہ رڳو ٻهراڙي جي عورتن جي ضرورتن کي پورو ڪندو پر پاڪستان حڪومت جي پائيدار ترقي جي 5 هدفن کي حاصل ڪرڻ ۾ مدد ڪئي ويندي.

1 NO POVERTY

**هدف 1: غربت جو خاتمو:** هي پراجيڪٽ غربت جي خاتمي جي اهم مسئلي کي حل ڪرڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪندو. 500 عورتن جي لاءِ آمدني پيدا ڪرڻ جي انتظام جي ذريعي کين موقعا، فني ۽ مالي وسيلن تائين بهتر پهچ سان انهن جي ڀلائي ۽ ترقي کي بهتر بڻائيندو.

5 GENDER EQUALITY

**هدف 5 : صنفي برابري ۽ عورتن جي بااختياري:** ان پروجيڪٽ جي ذريعي فيصلاسازي ڪندڙ ادارن ۾ عورتن جي بهتر ڪردار جي ذريعي عورتن جي معاشي ۽ سماجي حيثيت کي بهتر بڻايو ويندو.

8 DECENT WORK AND ECONOMIC GROWTH

**هدف 8 : معاشي واڌويجهہ:** ان پروجيڪٽ جي نتيجي ۾ ٻهراڙي جي عورتن کي معاوضو ادا نہ ڪرڻ ۽ تسليم نہ ڪيل ڪم کي اهڙي طرح اجاگر ڪيو ويندو جو ملڪ جي معاشي واڌويجهہ ۾ انهن جو ڪردار وڌيڪ ٿي ويندو.

10 REDUCED INEQUALITIES

**هدف 10: سموري اڻبرابري جو خاتمو:** پروجيڪٽ مقامي زرعي فيصلاساز ادارن ۾ عورتن جي نمائندگي ۾ اضافي کي يقيني بڻائي صنفي فرق جي مسئلن کي حل ڪري رهيو آهي تہ جيئن اهي پاڻي جي ورڇ ۽ ان جي انتظام بابت فيصلن ۾ حصو وٺي سگهن.

12 RESPONSIBLE CONSUMPTION AND PRODUCTION

**هدف 12: پائيدار کپت ۽ پيداوار:** ان منصوبي جي بنيادي مقصدن ۾ هڪ مقصد صنف کي مرڪزي ڌارا ۾ آڻڻ، پاڻي جو انتظام ۽ بندوبست ڪندڙ ادارن ۽ زراعت ۾ پاڻي وسيلن جي ذميوارانہ استعمال کي فروغ ڏيڻ آهي تہ جيئن ماحولياتي تبديلي، خوراڪ جي دستيابي جي عدم تحفظ ۽ آبهوا جي تبديلين کان بچي سگهجي.

## استحڪام شراڪتي  ترقي ادارو (ايس پي او) جو تعارف

پائيدار شراڪتي ترقي جي تصور ڪي سگھارو بڻائيندڙ ادارو (ايس پي او) حقن تي ٻڌل خدمتون فراهم ڪندڙ آهي. ايس پي او جو مقصد طبقن جي ڀلائي ۽ ترقيءَ بهتري آڻڻ ۽ شهرين جي پنهنجي حقن ۽ ذميوارين تائين پهچ ۽ ان ڪان آگاهي ڪي يقيني بڻائڻ آهي. ايس پي او هن وقت ملڪ جي 50 ڪان وڌيڪ ضلعن ۾ صحت، تعليم، روزگار جو پائيدار ذريعو، آبهوا جي تبديلي، ڊيجيٽل ڄاڻ، ثقافت ۽ سياحت ڪي فروغ ونرائڻ جي شعبن ۾ خدمتون سرانجام ڏئي رهيو آهي.

ايس پي او ڪي 1994ع ۾ ڪمپنيز آرڊيننس 1984ع تحت رجسٽرڊ ڪيو ويو ۽ ننڍي پئماني جو اهو منصوبو پاڪستان جي حڪومت ۽ ڪينيڊا جي هاءِ ڪميشن جي سهڪار جي ذريعي مختلف ننڍن وڏن منصوبن ۾ بدلجي ويو. انهن منصوبن  جي شروعات رضاڪاراڻي طور تي جاويد جبار، ڊاڪٽر طارق جي بنوري ۽ محترمہ فريده شير جي قيادت ۾ 1987ع ۾ ٿي ۽ انهن جي رهنمائي ۾ هڪ ننڍڙو وجود رکندڙ هي ادارو وسيع وسيلا رکندڙ مشهور پاڪستاني سول سوسائٽي آرگنائيزيشن ۾ بدلجي ويو. ايس پي او ڪي سڄي ملڪ جي 75 ضلعن ۾ پنهنجي متاثر ڪندڙ ڪمن ۽  ڪامياب پروگرامن جي تڪميل طور تي سڃاتو وڃي ٿو، جيڪو برادرين جي هيٺئين سطح ڪان وٺي گورننس جي مقامي، ضلعي، صوبائي ۽ قومي سطح تي مختلف درجن تائين گروهن جي متنوع جٿن سان گڏجي ڪم ڪري ٿو. ايس پي او وٽ پاڪستان جي چئني صوبن ۾ 9 آفيسون ۽ متحرڪ ٽيمون آهن.

ايس پي او جو چيف ايگزيڪيوٽو 13 چونڊيل ميمبرن تي ٻڌل 14 رڪني بورڊ آف ڊائريڪٽرز جي انتظام هيٺ آهي. ايس پي او حقن جي لاءِ ڪم ڪندڙ سول سوسائٽي تي ٻڌل 20 ڪان وڌيڪ ناليوارن عالمي ادارن ۽ علائقائي نيٽ ورڪس جو اهم ميمبر آهي.

## پاڻي وسيلن ۽ زرعي بازارن جي منصوبي تائين عورتن جي پهچ ۾ اضافو

**منصوبي جي باري ۾**

سنڌ ۾ ٻهراڙي جون عورتون فصلن جي ڪٽائي ڪان اڳ ۽ ڪٽائي ڪانپوءِ جي سرگرمين ۽ چوپائي مال جي سارسنڀال ۾ اهم ڪردار ادا ڪن ٿيون. خوراڪ ۽ زراعت واري عالمي اداري (ايف اي او) جي 2015ع ۾ جاري رپورٽ موجب مردن پاران بهتر آمدني جا موقعا حاصل ڪرڻ لاءِ ٻهراڙي جي علائقن مان لڏپلاڻ شروع ڪرڻ ڪانپوءِ عورتن جي ڪردار ۾ ڪافي حد تائين تبديلي آئي آهي. رپورٽ موجب هاڻي ٻهراڙي جي عورتن جي ذميوارين ۾ اضافو ٿي ويو آهي ۽ ڪين ٻنيءَ ٻاري ڪانسواءِ ٻيا معاملا بہ سرانجام ڏيڻا پون ٿا، جهڙوڪ اهي پنهنجي گھروارن جي بنا معاوضي جي نگراني ۽ سارسنڀال جو ڪم بہ ڪن ٿيون. وڌيڪ اهو تہ عالمي ترقي واري اداري (ڊي ايف آءِ ڊي) جي 2018ع ۾ ڪرايل هڪ تحقيقي سروي موجب سنڌ ۾ ٻهراڙي جون عورتون روزانو 5 ڪان 6 ڪلاڪ چوپائي مال جي سارسنڀال جي سرگرمين ۾ گذارن  ٿيون جنهن ۾ جانورن جي لاءِ گاهہ ڪرڻ، گاهہ ڏيڻ، پاڻي ڏيڻ، جانورن ۽ چوپائي مال جي واڙي جي صفائي، کير ڏوهڻ ۽ ڇيڻا ٿپڻ تي ٿاڦڻ ۽ سڪائڻ جوتہ اهي رڌ پچاءَ لاءِ ٻارڻ طور استعمال ٿين ٿا.

انهن سمورن معاملن ۽ سرگرمين ۾ اهم ڪردار ادا ڪرڻ جي باوجود ڪين ڪيترن ئي چئلينجن ڪي منهن ڏيڻو پوي ٿو جنهن ۾ مالي وسيلن تائين پهچ نہ هجڻ، ناڪافي انتظامي ۽ فني مهارت،

مارڪيٽ تائين محدود پهچ ۽ معلومات، آفتن ۽ بحران جي صورتحال جي وڌندڙ خطرن، آبي گورننس ادارن ۽ فيصلاسازي جي عمل ۾ نمائندگي گھٽ هجڻ جهڙا چئلينج شامل آهن.

**تجويز ڪيل داخلا**

پائيدار شراڪتي ترقي جي تصور ڪي سگھارو بڻائيندڙ ادارو (ايس پي او) ٻهراڙي جي عورتن ڪي درپيش چئلينجن جو ازالو ڪندي پاڻي وسيلن تائين عورتن جي پهچ ۾ اضافو ۽ زرعي بازارن جو پروجيڪٽ (منصوبو) شروع ڪيو ۽ پاڪستان ۾ هالينڊ جي سفارتخاني جي مالي تعاون سان شروع ڪيل ان منصوبي جو مقصد واٽر گورننس ۾ عورتن جي ڪردار ڪي سگھارو ڪرڻ ۽ انهن جي آمدني پيدا ڪندڙ سرگرمين ڪي بهتر بڻائڻ آهي. ان ڏس ۾ بنيادي حڪمت عملي انهن عورتن ڪي صرف انهن ڪمن ۾ مصروف رکڻ ئي ناهي پر انهن جي حوصلا افزائي پڻ ڪرڻ آهي. ٻهراڙي جي مصنوعات ڪي باوقار بڻائڻ ڪانسواءِ غير زرعي پيداوار ۽ خدمتن جهڙن شعبن ۾ روزگار ۽ آمدني جا واڌو موقعا پيدا ڪرڻ آهي.



### مجموعي ارادا ۽ مقصد

عورتن جي آمدني وڌائڻ ۽ پاڻي وسيلن جي انتظام ۾ ڪردار ۾ بهتري آڻڻ جي قابل بڻائڻ جي لاءِ ڪم ڪرڻ تہ جيئن هو گھريلو ۽ عوامي شعبن ۾ موثر انداز ۾ حصو وٺڻ ۽ فيصلاسازي ۾ پنهنجو ضروري ڪردار ادا ڪري سگھن.

**نتيجو -1**

سنڌ واٽر مينيجمينٽ آرڊيننس (SMWO) 2020ع ۾ ترميم جي منظوري ذريعي سنڌ ۾ آبي وسيلن جي انتظام ۾ عورتن جو ڪردار وڌي ويو آهي.

**نتيجو 2**

روزگار جي موقعن ۾ اضافو ٿي ويو، جڏهن تہ غريب ۽ پوئتي پيل عورتن جي آمدني ۽ مارڪيٽ تائين پهچ ۾ بہ اضافو ٿيو آهي، خاص طور تي ننڍن زميندارن، فصلن ۾ حصيدارن ۽ چوپائي مال جي مالڪن جي آمدني ۽ مارڪيٽ تائين پهچ بہ وڌي وئي آهي.

## پائيواري برادري

- چوپائي مال جون مالڪاڻيون 200 عورتون
- فصلن ۾ حصيدار 50 آبادگار عورتون
- بي زمين 100 عورتون
- 50 خيرات گھرندڙ عورتون

ايس پي او لاڳاپيل 500 ٻهراڙي جي عورتن جي حقن ۽ ذميوارين ڪي هٿي ونرائڻ  ۽ تحفظ ڏيڻ جي علم ۽ انهن جي سوچ سمجھ ۾ بهتري آڻڻ لاءِ پرعزم آهي. اميد ڪئي وڃي ٿي تہ ان منصوبي مان فائدو ڪٽندڙ 500 ماڻهن جي سوچ سمجھ ۽ انهن جا مسئلا حل ڪرڻ جي صلاحيت ۾ بہ اضافو ٿيندو ۽ انهن جي علائقن ۾ عورتن ڪي اهم حڪمراني جا جيڪي چئلينجز ۽ مقامي سطح تي جيڪي مسئلا درپيش آهن انهن ڪي حل ڪرڻ جي لاءِ پاڻي جي ايسوسيئيشن ۽ زرعي سرگرمين ۾ هر سطح تي عورتن جي شرڪت ۽ شموليت لاءِ هيٺ ڏنل چار اهم حڪمت عملين تي عملدرآمد ڪري ان منصوبي ڪي وسيع ڪنداسين..

## اهم حڪمت عمليون

مشاورت ۽ ترغيب جي ذريعي قانونسازن ۽ حڪومتي نمائندن ڪي مصروف ڪرڻ تہ جيئن اهي ايس ڊبليو ايم او2002ع ۾ ان ترميم جي منظوري جي لاءِ مهم هلائين، جنهن ۾ ان ڳالهہ تي زور ڏنو ويو آهي تہ سڄي سنڌ ۾ ايريا واٽر بورڊ، راجباهون ايسوسيئشن (ڊبليو سي اي) ۽ آبادگار تنظيمن ۾ ٻهراڙي جي علائقن ۾ ننڍي عمر جي عورت زميندارن، بي زمين عورتن ۽ پوکائي ۾ حصيدار عورتن ڪي لازمي طو تي نمائندگي ڏني وڃي.

لاڳاپيل حڪومتي کاتن، جهڙوڪ سنڌ ايريگيشن اينڊ ڊرينيج اٿارٽي (سيڊا) منصوبابندي ۽ ترقي وارو کاتو، سنڌ جو آبپاشي وارو کاتو، صنفي حساس طريقا، عورتن جي بااختياري، صنفي شموليت، زرعي ڪاروباري ترقي ۽ زرعي ۽ پاڻي جي انتظام ۾ عورتن جي ڪردار ڪي بهتر بڻائڻ جي سلسلي ۾ اهم اهلڪارن ۾ حساسيت پيدا ڪرڻ ۽ انهن جي صلاحيت ۾ اضافو ڪرڻ.

فني انتظامي مهارت ۽ مالي خواندگي جي شعبن ۾ 500 ٻهراڙي جي عورتن جي نشاندهي ڪرڻ ۽ انهن جي صلاحيت ۾ اضافو ڪرڻ.

ٻهڙاڙي جي عورتن جي مالي وسيلن جي منڊين ۽ معلومات تائين پهچ جي سهولتڪاري ڪرڻ ۽ ڪين پاڻي جي انتظام ۽ بندوبست جي ادارن ۽ فيصلاسازي جي عمل ۾ نمائندگي ڏيارڻ.